جوپن رُت جون
سوکڙيون



(شاعري)

مانجهي زرداري

Rizwan Process Hyd:Ph:783921

جوڀن رُت
جون سُوکڙيون

شاعري

مانجهي زرداري

رم جهم پبليڪيشن دادو

رم جهم پبليڪيشن جو ڪتاب نمبر 2

ڪتاب جونالو : جوڀن رُت جون سوڪڙيون

موضوع : شاعري (غزل - وايون)

شاعر : مانجهي زرداري

ڇاپو : پهرين آگسٽ 2000ع

تعداد : هڪ هزار

ڇپائيندڙ : رم جهم پبليڪيشن دادو

ڪمپوزنگ : مرڪ ڪمپيوٽر دادو

ملهه : 40 روپيه

Name of Book: ***Jobhan Rutt Joon-Suknryoon***

Subject: ***Poetry***

Poet: ***Maanjhi Zardari***

Edition: ***First (August 2000)***

Quantity: ***One thousend***

Published By: ***Rim-Jhim Publication Dad***

Price: ***40 Rupees.***

ارپنا

منهجي مٺي امڙ
جيجي، حليم خاتون جي نالي
جنهن جنم ڏئي
نپائي وڏو ڪيو ۽ پنهنجي دُعائن
۾
هميشه ياد رکيو.

اداري پاران

سنڌ ۾ هزارن جي تعداد ۾ شاعر آهن، پر سٺن شاعرن جو انگ سَون ۾ به مشڪل سان آهي. اهڙن سٺن شاعرن ۾ هڪ نالو مانجهي زرداريءَ جو به شمار ڪري سگهجي ٿو.

جيتوڻيڪ مانجهيءَ جو نالو شاعريءَ جي حوالي سان گهڻن لاءِ اوپرو هوندو، ڇاڪاڻ جو هو تمام گهٽ ڇپيو آهي. پر سندس شاعري پڙهڻ ڪانپوءِ اوهان وٽ اهو تاثر ضرور جڙندو ته مانجهي پنهنجي ٿيءَ جي ڪيترن ئي تمام گهڻو ڇپجندڙ نالن کان سٺي شاعري پيو ڪري.

رم جهم پبليڪيشن جي پاليسيءَ ۾ جتي وڏن اديبن، شاعرن جا ڪتاب ڇپائي منظرعام تي آڻڻ شامل آهي، اتي سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ لڪيل ٽيلينٽ کي ڳولي منظر عام تي آڻڻ پڻ شامل آهي. ان ڳالهه کي ذهن ۾ رکنديِ رم جهم پبليڪيشن جو هيءُ ڪتاب، راڌڻ شهر جي پورهيت طبقي سان واسطو رکندڙ، مانجهي زرداريءَ جو شعري مجموعو ”جوين رُت جون سَوڪڙيون“ اوهان جي هٿن تائين پهچائي رهيا آهيون.

مانجهي زرداري تعليم جي حساب سان پنج درجا پاس آهي، شاعريءَ جي شروعات 1985ع کان ڪيائين، پر ڇپجڻ 1994ع کان لڳو آهي ۽ شاعريءَ ۾ سندس رهنما معصوم بخاري، بسمل راڌڻائي ۽ عادل عباسي رهيا آهن.

صحيح معنيٰ ۾ مانجهي زرداري شاعريءَ جي پُرپيچ، اڻانگي رستي تي ويجهڙائي ۾ هلڻ شروع ڪيو آهي. سندس تازي ڪيل پيار جي پورهيي کي ڏسي، اهو اندازو لڳائڻ ڪو گهڻو ڏکيو نه آهي ته منزل کي پائڻ لاءِ هو صحيح گس تي نڪري پيو آهي ۽ صحيح گس ئي ته آهي جنهن تي هلندي دير سوير منزل تائين رسائي حاصل ٿئي ٿي.

مشتاق پوڳڙو

رم جهم پبليڪيشن دادو

اڙانگهو سفر

منهنجي پيارن يارن کي مون کان شڪايت آهي تہ، آءُ هن اڙانگهي سفر ۾ تڪجي پيو آهيان ۽ پوئتي رهجي ويو آهيان. پر ائين ڪونهي، ها، باقي ڪڏهن ڪڏهن حالتن جون تيز هوائون سڀجي راهہ ڪنڊا ڪري ڇڏينديون آهن، ۽ پوءِ هوريان هوريان هلڻو پوندو آهي.

هر ماڻهوءَ جي اندر ۾ ڪيئي خواهشون ڦٽنديون رهن ٿيون. ڪي حاصلاتن تي رسن بہ ٿيون تہ ڪي وري حالتن جي لڪ لڳڻ ڪري سڙي وڃن ٿيون.

منهنجي خواهشن مان هيءَ هڪ اهم خواهش آهي جيڪا پوري ٿي آهي ۽ ڪنهن خواهش جي پوري ٿيڻ تي هي سلسلو ختم ڪونہ ٿو ٿئي. خواهشن مٿان خواهشون ڇمنديون رهن ٿيون.

ٻارو تڻ کان جواني تائين آءُ جن مرحلن مان گذريو آهيان ۽ جيڪي ڏک ڏنا اٿم يا جيڪي خوشيون ماڻيون اٿم يا جيڪو ڪجهہ ڏٺو يا پرکيو اٿم اهو سڀ جو سڀ پنهنجي شاعري ۾ اوتيو اٿم.

”جوين رُت جون سوڪڙيون“ منهنجي ڀهرين ڪوشش آهي، آسراٿم تہ هي منهنجو پيار ڀريو پورهيو شل پيار ڪرڻ وارن کي قبول پوي.

آءُ ٿورائتو آهيان خاص طور تي نوجوان شاعر بيدل بروهي جو جنهن جي لڳاتار محنتن ۽ محبتن جي ڪري هي ڪتاب اوهان جي هٿن ۾ آهي..مهربان ساٿين دليپ ڪمار راجاڻي، ڪمليش ڪمار راجاڻي ۽ گوهر گل ڳورڙ جو بہ آءُ بيحد ٿورائتو آهيان جن جي پيار ۽ سهڪار مون کي اُتساهہ بخشيو.

مانجهي زرداري
٢٠٠٠ـ ١ ـ ٦
ٽپال گهر راڌڻ.

تـــاثـــــرات

محبوبا جي ڪنوارن چپن جي چمي، ڪنواري مُرڪ، ڪجلي اکين جي من موهيندڙ نهار، پرت پريل گهگهن جي ڪاوَن جي اولڙن مانجهيءَ جي شاعراڻي جذبن کي ڇُهيو ته سندس شاعري ۾ نکار آيو.

مانجهيءَ جي شاعريءَ ۾ گوناگي وينگس جي محبت پرکڻ واري ڪسوٽي، تحفن ۾ ساڳ، چميون، ڏوڏا، ڏنگ ۽ سيڪيل آنيوئن جو ذڪر نمايان آهي. مانجهيءَ جي شاعري سندس محبوبا جيان خوبصورت ۽ سادي آهي.

بيدل بروهي

مانجهي جهڙو نانءُ آ، تهڙي سندس شاعري آ. مانجهيءَ جي فطر تي حسن سان جيڪا رغبت ظاهر ٿئي ٿي سا ساراهڻ جوڳي آهي. تشبيهون توجهه ڏيون گهرن، خيالن جي پرواز ۽ شاعريءَ ۾ وسعت پڻ نظر ٿي اچي.

شاعر عام طور تي پنهنجي احساسن کي ته قلمبند ڪري ٿو، پر جڏهن ٻين جي احساسن کي به قرهيءَ تي آڻي ته وڏيڪ هم گيريت ۽ خوبصورتي پيدا ٿيندي. اميد ته اُن بنياد تي مانجهي پنهنجي ڪاوش جاري رکيون ايندو.

سُريش راجاڻي

مانجهي زرداري اسان جي ٿهيءَ جو خوبصورت شاعر آهي، جنهن جي ٻولي نج ٻهـراڙي جي الهـڙ ڇوريءَ وانگر چال ڏئي رهي آهي. مانجهيءَ جي شاعريءَ ۾جيتري نفاست آهي اوتري رومانوي ۽ انقلابي پڻ هن جي شاعري پويت جي پرن جهڙي ملائم ۽ گلابن جي پنکڙين جيان نفيس آهي.

گوهر گل گورڙ

جيون رنگ رچيندڙ شاعر

ڪائنات اندر آدم جو وجود اهو پڪڙيل حسن آهي، جنهن سان عالم آباد آهي. ڪائنات ۾ رنگ، روپ، نور ۽ خوشبوءِ جو سمورو جنسار انسان ذات سان ٻڌل آهي. انسان جي شعوري ڪوشش جي ڪري، جڳ ۾ سُر پکڙيل آهن.

سندس اصل سچائپ ذات ئي هجي ٿي. ۽ ذات جا ٻه الاهي روپ آهن. جنهن حسن سان ڪائنات وجود ۾ آئي هئي، اڄ اهو حسن بگڙي چڪو آهي. ان وقت تخليق ئي هڪ شي رهي ٿي، جا جيئڻ جي امنگ بخشي ٿي. ذات جي ڪل روپن ۾ شاعري سڀ کان اتم پائني وئي آهي، آس ويل هجي! ميلاپ گهڙي هجي! يا ڪيڏاري جو آرڻ هجي. شاعري جا لفظ ساڳيا هوندا آهن. ان ڪري شاعري کي، ماڻهپي جي "مادري ٻولي" سڏيو ويو آهي. ميڪاليءَ جي خيال موجب، چترڪار جيڪو ڪجهه رنگن ذريعي ظاهر ڪري ٿو، اکرن سان اهو اظهار شاعري آهي.

ڪولرج جو چوڻ آهي ته شاعري سائنس جو ضد آهي. سائنس زندگي جون ڪوڙ آسائشون ۽ سک ڏئي ٿي ته تباهه ڪاري به ڏئي ٿي. جڏهن ته خوشي يا ڏک جي احساسن کي فقط شاعري اپاري ٿي.

ڪارلائيل جي راءِ آهي، موسيقانه انداز ۾ ۽ وزن ڪيل خيال شاعري آهي، محترم علامه آءِ-آءِ قاضي لکي ٿو.

"شاعري ٻن قسمن جي ٿيندي آهي. هڪ اها جا حڪمت ڀري هجي، ۽ اها نبوت جو جزو آهي ٻي اها جيڪا اخلاق کي بگاڙي، اهڙي قسم جي شاعري بگڙيل شخصيت جي پيداوار هوندي آهي اها قومن کي تباهه ڪندي آهي اهڙي تباهي ٻمُ ٻه نه ٿا ڪري سگهن".

سنڌي ۾ شاعري بابت محترم طالب المولى جن جي راءِ هيءَ هئي.

”موزون شاعري ڌاري آهي. ان ۾ هترادو تاهيل ڳالهيون آهن. هنڌ هنڌ آهل ڪرٿي پوي ٿي. جي سڀ بي بقا شيون آهن. موزون شاعري ۾ گل و بلبل جو بيان، ساغرو صراحي جو ذڪر، گلگشت و لاله زار جا احوال ۽ شاهد بازيءَ جون ڳالهيون هونديون آهن. اهي سڀ ٻاهريون شيون آهن، اهي تصور ايراني آهن. اهي تخيل ئي پرايا آهن. ۽ اهي مضمون ئي ڌاريا بلڪ اڌارا آهن. هيترو ضرور آهي ته اسان جي ملڪ وارن بادشاهن به پنهنجي لاءِ اهي شيون مهيا ڪيون. پر سنڌ ن فنا ٿيڻ سان گڏ هو به فنا ٿي ويون. اسان جي شاعريءَ جو انهن شين سان ڪوبه واسطو ڪونه آهي. اسان جو ماحول به پنهنجو، ته رسمون ۽ رواج به پنهنجا، اشارا به پنهنجا، هت خشڪ جبل، واريءَ جو ڀٽون، بيابان، ڪنڊا، ڪرڙ، ڪبڙ، ليون، ليار، ٻير، درياهه ۽ واهڙ وغيره آهن. اسان وٽ عورت عاشق ۽ مرد معشوق آهي.

ايراني شاعري ۾ بيجا شڪايت، سخت گلا، محبوب تي الزام رکڻ ۽ ڪيس ظالم جلاد، بيدرد ۽ بيوفا سڏڻ جائز. ايراني شاعري ۾ رقيب جو تصور ايڏو گندو ۽ ذليل ڪارنامو آهي. جنهن جي حد ئي ڪانهي........ اسان جي شاعري ۾ التجائون، صدائون، سڌيون تمنائون، مدعائون ۽ رڳو دعائون آهن“. (ڪافي ص - ٣٦).

سنڌ جا قابل احترام اديب سائين پير حسام الدين راشدي جن سنڌي ۾ سرجيل شاعري بابت پنهنجي عالمانه راءِ هن ريت رقم ڪئي:

”ان دور (١٩٣٦) اسان جي ادب تي خاص اثر ڪيو. زميندارن ۽ پيرن جي ٿهي اجان پوريءَ ريت ٿني ڪونه هئي. ويتر جو وزارتون، ميمبريون ۽ سنڌ جو سڄو صوبو سنڌن ور چڙهي ويو. تنهن سنڌ جي عوام ڪان اسهڻ ۽ اسرڻ جو موقعو ڪسي ورتو. انهن حالتن اديبن ۽ شاعرن کي نئين سر سوچڻ تي مجبور ڪيو. اسان جي اديبن سمجهيو ٿي ته بمبئيءَ کان جدا ٿي، سنڌ جا سڄا مسئلا حل ٿي ويندا، طبقاتي فرق

متبو، غريبن جا ڏک لهندا ۽ سنڌ جو عوام ريان ڪيان ٿي. زندگيءَ جي جدوجهد ۾ صحت منداڻا قدم اڳتي وڌائي، دنيا ۾ آبرو منداڻا مقام حاصل ڪندو. ليڪن مسئلو حل نه ڪونه ٿيو. الٽو غلاميءَ ڏک ڏاکڙي جا ڪيئي زنجير سندن هٿن، پيرن، ذهن ۽ سوچ تي پئجي ويا. انهيءَ دور ۾ ضرورت جي پيش نظر حيدر بخش جتوئي، عبدالڪريم گدائي، قادر بخش حقير، نارائڻ شيام، هري دلگير پنهنجي ڪلام کي پراڻين اندر سيائي روايتن کان ڇني ڌار ڪري منجهس نئون روح ڦوڪي، بيان ڪيل فرعوني ۽ سلطاني طاقتن کي ڪيرائڻ لاءِ ڪتب آندو، ان دور جو سمورو ادب مذڪوره زماني جي سنڌ جي چشم ديده ۽ حقيت پري تاريخ آهي".

سائين طالب المولي جي مٿي ڏنل حوالي کانپوءِ پير سائين جي حوالي پڙهڻ سان سنڌي ۾ شاعري جي ضرورت کان آگاهه ٿي سگهجي ٿو. نتيجو اهو ٿو نڪري ته ادب يا شاعري جو اهم ڪردار اهو هجي ته پنهجي دور جي ڌرتي سماج جي تاريخ بڻجي. يعني پنهنجي دور جي مڪمل عڪاسي ڪري. جڏهن اڄ اسان سنڌي شاعري جو اڀياس ڪريون ته ڪافي حوصله افزا عنوان آڏو اچن ٿا. يعني اڄ ڪافي قدر لکندڙن جو پنهنجي تخليق ۽ تحرير سان خلوص نظر اچي ٿو.

. تخليق جي امرتا ۽ وشال هجڻ لاءِ تخليقڪار کي پنهنجي ذات جي خول کان ٻاهر نڪرڻو پوندو. اهو ئي معيار آهي.

مانجهي زرداري کي هڪ ٻن هنڌن تي مون پڙهو آهي ۽ سندس شعري مجموعي "جوين رُت جون سوڪڙيون" جي مطالعي کان پوءِ چئي سگهان ٿو ته مانجهي جي تخليق جو سفر بهرحال مثبت آهي. مون هميشه ذات کان تاثر وٺڻ بدران شخصيت جي پرک لاءِ ذات کي سوچيو آهي. ڪي وڏا ڏاتيار به ذهني طور نابالغ هوندا آهن. ڪي نوان ليکڪ پنهنجي ذهني اوسر ڏانهن اسهندا آهن، پر اُسهڻ جو اهو سفر جيڪر رڪجي وڃي ته تخليڪار لاءِ موت آهي. جنهن پاپوهه سان مانجهي اڳتي وڌي رهيو آهي. اميد ڪري سگهجي ٿي ته شاعري ۾ تر

مڃائيندو. مانجهي جو ڪلام سندس غريباڻي طبيعت ۽ درويشاڻي صفت وانگر سادو ۽ سلوڻو آهي. ڪٿي ڪٿي اجايو اثر وٺڻ جي به ڪوشش ڪئي اٿائين.

مانجهي پنهنجي ڪلام ۾ ڪنهن به تڪلف کان ڪم نه ورتو آهي. سولي انداز سان احساسن ۽ جذبن کي قلمبند ڪيو آهي:

هوا جر مٿان جڻ تري ٿي پئي،
حبابن سان رانديون ڪري ٿي پئي،
اجها ويس سهڻا ٿي ڌرتي ڪري،
تہ وان رنگ رُت ۾ پري ٿي پئي.

مانجهي جو غزل

هر هر وجهي ٿو موهي،
دلبر وجهي ٿو موهي،
هو سمنڊ، شام، يادون،
منظر وجهي ٿو موهي.
لفظن جي ناهي مالها،
شاعر وجهي ٿو موهي.

قافيہ، رديف جي نباهڻ جو هڪ شاهڪار آهي، ان ريت سندس غزل:

پنهنجا ناتا، خوشبو ٿي ويا،
آسون جذبا، خوشبو ٿي ويا.
منهنجا گيت لڪيل، او سهڻا!
تو جو ڳاتا، خوشبو ٿي ويا.
منهنجو سارو گهر پيو مهڪي،
اوڙا پاڙا خوشبو ٿي ويا.

ترڪيب ۾ بيهڪ جو هڪ پرپور انداز پيش ڪري ٿو.

تنقيد نگارن طئي ڪيو آهي ته سولا لفظ، عام اچاريل ترڪيبون، ماحول مان ورتل تشبيهون ۽ سچائي ڪلام کي عوامي بڻائي ٿي. مونکي مانجهي جي ڪلام منجهه اهڙيون جهلڪيون نظر اچن ٿيون.

توسان جيون ڳنڍڻ جي وري آس ٿي،
دل ۾ چنڊ کي ڇهڻ جي وري آس ٿي.
تو گلابي اکين سان وري گهوريو،
توڏي هر هر ڏسڻ جي وري آس ٿي.

منهنجو سارو جيون جاني،
رڻ، پٽ تي ويو توبن جاني.
صحرا ۾ جيئن زخمي پنڇي،
آسون تيئن تيون تڙپن جاني.
ڪرڙي پاٽي ڪان جيئن باهر،
جذبا تيئن تا ڦتڪن جاني.
ساڙي تو جيئن پارو آڪ کي،
ساڙي دل تيئن دردن جاني.
توري تو سنسان لڳي اڄ،
شهر سمورو راڏن جاني.

قابو تو اهڙو ڪيو پيار ۾،
جيئن مڇي ڦاسي پوي ڪا ڄار ۾.

تون يار جي جدا ٿي وئين سورن سان سنگت ٿي وئي،
وئي مرڪ ”اَڪي ڏيئي“ لڙڪن سان سنگت ٿي وئي.

لوئي ارا گائون جي چواڻيءَ: ”سچا اديب ۽ شاعر جڏهن ساهه

ڪٽن ٿا. تڏهن خود غرض ماڻهن جي زندگي زهر بڻجيو پوي، ۽ جڏهن اهي پنهنجي قلم کي جنبش ڏين ٿا. تڏهن اهڙو تہ شور مچيو وڃي جو مئل بہ جاڳي اٿن!"

قلم کي اهڙي جنبش ڏيڻ واري ڪوشش ۾ مانجهي بہ شريڪ آهي.

نـــنـــڍڙا طـــالــــب روز پـــنـــائـــي،
مـــلـــو نـيـڪـيـــدار ڏســـو پـــيـــا.

نـــوڙ ڪـنـيـــو تـــو ڦـــري پـــنـــيـــن ۾،
مـــرشـــد جـــا پـــرڪـــار ڏســـو پـــيـــا.

ڀنگ جـــي لئہ چـــوريـــون تـــو ڪـــرائـــي،
بـــچـــڙو هـــي پـــوتـــار ڏســـو پـــيـــا.

هـــاريـــن تـــي تـــو بـــاهـــي بـــيـــنـــو،
تـــرڙو هـــي ڪـــمـــدار ڏســـو پـــيـــا.

هـو ڏاريو لٽـيـروائين پيـو تـو سـمـجهي،
اجهـا چاڻ سـنـڌ ڪـان تـتـي تـي ڪـراچي.

اســـان هتـــڙي پنهنجي جنڊا پـــٽ ۾ آهيـــون،
۽ هو ڏي اسان جـــي ڪُسي تـــي ڪـــراچي.

سندس وايون "چو سنڌ بڻي مقتل". "سيتون سڀ جيالن لئہ وغيره پڙهڻ جوڳيون آهن.

مـانجهي کي اڃان بہ وڌڻ لاءِ محنت جي ضـرورت آهي. ڪلام پرکـيندڙن لاءِ سندس هي پهرين ڪوشش چڱي سگهجي ٿي. ان مـوقعي

تي مان خاص مانجهي زرداري لاءِ مرزا ترسون زاده جا هيٺيان جملا لکان ٿو!.

"شاعرن جي سڀ کان وڏيڪ شاهڪار تخليقن ۾، هڪ بلند درجي جو آدرشي پيغام هوندو آهي. مستقل عظمت واري اها شاعري آهي، جنهن ۾ اهڙن جذبن جو اظهار هوندو آهي. شاعر جو تجربو جيترو وسيع ۽ گهرو هوندو. سندس شاعريءَ جي اهميت ۽ عظمت اوتروئي زياده هوندي"

هر علمي ادبي ڪوشش اتساهه جو سبب بڻجي ٿي. نفسا نفسي جي هن عالم ۾ علم ۽ قلم ئي سڪون جو سبب آهي. جيڪڏهن ڪو ماڻهو پنهنجي مايوس ماحول ۽ دردن ڀريئي جذبن کي شعري روپ ڏيڻ جي سگهه رکي ٿو ته اها سندس خوش بختي آهي. منهنجي نظر ۾ مانجهي ان بخت جو ڀاڳي ڀائيوار آهي. سندس ذات ۽ ذات لاءِ مان دعاگو آهيان.

سي پو چارا پُرتيا، سمنڊ سيوئو جن،
آنداٿون عميق مان جوتي جواهرن،
لڌائون "لطيف چئي" لالون مان لهرن،
ڪانهي قيمت تن، ملهه مهانگو ان جو.
(ڀٽائي گهوٽ)

جوهر بروهي
۲۰ نومبر ۱۹۹۹ع.

هوا جَرَ مٿان چڙ تري تي پئي،
حُبابَن سان رانديون ڪَري تي پئي.

اڇي لهر هڪڙي ڪپر وٽ ڇڏي،
وٺي لهر ٻي ڪي وَري تي پئي.

اِجها ويس سُهڻا تي ڌرتي ڪري،
نوان رنگ رُت ۾ ڀري تي پئي.

ٽڙي گُل خوشيءَ مان ٻِٽلي تا ملن،
چمن ۾ قدمڙي دَري تي پئي.

هٽي چا تہ خوشبو تي "مانجهي" گهلي،
لڳي تو هي ڪنهن تي مَري تي پئي.

سڪيءَ ڪـــي صُبح جـــا اُجـالا چُمن پيـا،
نـظـر ســانڍ عـــاشـق اُبـــالا چُمن پيـــا.

ڪري رقص سرڪس جي وينگس پئي تي،
ڪڏي ڳـل اَنـهـيءَ جا تہ والا چُمن پيا.

رکيا پيار مان مون هٿا، جيڪي هُن تي،
سمـورا سڪـيءَ ڪـي سي نالا چُمن پيـا.

وسي مـينهن گـوريءَ ڪـي ڇڏيو پسـائي،
جـسـم ڪَـي ڪـپـڙا آلا چُمـن پـيـا.

اسان تا سڪون پيا چُمڻ لاءِ ”مانجهي“
مـنيءَ جي چپن ڪي تہ پيالا چُمن پيـا.

هر هر وجهي ٿو موهي،
دلبر روجهي ٿو موهي.

مرڪي ڏسڻ پرين جو،
اکڙ وجهي ٿو موهي.

ڇا ٿي ڪري ٿو ڳوسي،
ياڪُر وجهي ٿو موهي.

هو سمنڊ، شام، يادون،
منظر وجهي ٿو موهي.

لفظن جي ناهي مالها،
شاعر وجهي ٿو موهي.

"مانجهي" رڳون ، سارو،
هي تر وجهي ٿو موهي.

وهوا جي ٿور آهي،
ماڻهو يا مور آهي.

پردا حجاب، سڀ ويا،
جوڀن کي زور آهي.

هو چنڊ چوڏهين جو،
هر اک چڪور آهي.

شاعر جي خيال وانگي،
جلوو نڪور آهي.

سهڻا ته پيا به آهن،
پر هي ڪبو اور آهي.

"مانجهي" مون کي لڳي ٿو،
دلين جو چور آهي.

هي جيڪي ڪردار ڏسو پيا،
قوم جي لئه آزار ڏسو پيا.

ننڍڙا طالب روز پنائي،
ملو ٺيڪيدار ڏسو پيا.

نوڙ ڪنئيو ٿو ڦري ٻنين ۾،
مُرشد جا پرڪار ڏسو پيا.

پنگ جي لئه ٿو چوريون ڪرائي،
ٻُچڙو هي ڀوتار ڏسو پيا.

هارين تي ٿو ٻاهي ٻيٺو،
ٻرڙو هي ڪمدار ڏسو پيا.

دل چاهي ٿي پيو لِکي "مانجهي"،
پيا ٻه هن ڪم ڪار ڏسو پيا.

پنهنجا ناتا، خوشبو تي ويا،
آسون جذبا، خوشبو تي ويا.

تنهن جي آئين ڳوٺ اسان جي،
رستا ستارا، خوشبو تي ويا.

تو لاتو پايو هم مان سيني،
دل جا دمڪا، خوشبو تي ويا.

تنهنجا پيارا گفتا ٻريا،
واءَ جا جهونڪا، خوشبو تي ويا.

منهنجا گيت لڪيل آ سهڻا،
تو جو ڳاتا، خوشبو تي ويا.

تنهنجا هٿ چميا مون سائين،
ساهه جا سهڪا، خوشبو تي ويا.

منهنجو سارو گهر پيو مهڪي،
اوڙا پاڙا، خوشبو تي ويا.

مرڪن ۾ تهڪن سان "ماٺجهي"،
جيون لمحا، خوشبو تي ويا.

ڏهاڙي ڏکن ۾، ڏکي تي ڪراچي،
ڪٿي خون منهن کي، مکي تي ڪراچي.

هو ڏاريو، لٽيروائين پيو تيو سمجهي،
اجها ڇاڻ سنڌ کان، ٿٽي تي ڪراچي.

اسان هتڙي پنهنجي جندڙا پٽ ۾ پورا،
هتي جو اسان جي، ڪسي تي ڪراچي.

اي منهنجا ڏٽي! سڀ ڇو خاموش آهيو،
ڏهاڙي خطن ۾، لکي تي ڪراچي.

نتي، لاڙڪاڻي، سکر کان به وسريس،
روئي روز ستن کي، چوي تي ڪراچي.

اڃي مرد "مانجهي" ڪندا منهنجي واهر،
اڃا آس دل ۾، رکي تي ڪراچي.

تنهنجا نيڻ نشيلا سُهڻا،
ڪن ٿا دل تي حملا سُهڻا.

تنهنجو وات گلابن پريو،
چپڙا چاس رسيلا سُهڻا.

وار هي ڳُهندي دار ڪُلهن تي،
چڻ ڪي نانگ اٿئي نيلا سُهڻا.

سُون جيان ٿا جرڪن انگ ءِ،
تنهنجا سنگ سُريلا سُهڻا.

چهري ۾ چاندوڪي چنڊ جي،
ڳلڙا رنگ رنگيلا سُهڻا.

”مانجهي“ سان تون ماٺا پل ڪر،
او منهنجا البيلا سُهڻا.

تون جي آهين تہ هر خُوشي آهي،
غم کان آجي تي زندگي آهي.

درد پاڙوئي ويا ڇڏي دل جو،
دل جي دُنيا ۾ شانتي آهي.

سور ساٿي هئا اڳي منهنجا،
اڄ سُکن سان ٿي دوستي آهي.

رات کاري منجهان، تي ڏينهن ويو،
تنهنجي جهري جي چاندني آهي.

"مانجهي" مسکين تي ڪرم تنهنجا،
تو ڏکي دل ڪئي سُکي آهي.

سُهڻو آهين، ساري تر ۾،
بت بيهڪ ۽ اتڳ اڪر ۾.

درپن ۾ ائين، تنهنجو چهرو،
ڄڻ ڪو آهي چنڊ ُساگر ۾.

مُرڪين ٿو تون، ائين لڳي ٿو،
گل ٽڙيو آ ڄڻ ڪينجهر ۾.

دنيا ساري سُهڻي لڳي ٿي،
تون جو آهين هر منظر ۾.

اکيون تنهنجون ائين پيارا،
جيئن هجي ڪو ڏيئو مندر ۾.

”مانجهي“ ڪبي آ قابو ڪيو تو،
پنهنجي جوين جي منتر ۾.

توسان جيون، ڳنڍڻ جي وري آس ٿي،
دل ۾ چنڊ ڪي، ڇهڻ جي وري آس ٿي.

تو گلابي اکين سان وري گهوريو،
تو ڏي هر هر، ڏسڻ جي وري آس ٿي.

دل جي تختيءَ مٿان اوسڪي! سانوري،
نانءُ تنهنجي، لکڻ جي وري آس ٿي.

پائي ڪپڙا نوان سينڌ سُهٽي ڪدي،
تنهنجي سامهون، اچڻ جي وري آس ٿي.

توکي مون سان سچي ڏس ڪيڏو پيار آ؟
اڄ به توکان، پڇڻ جي وري آس ٿي.

تانگهه "مانجهي" مون کي آهه بيتاب ڪيو،
توکي اڄ ٿي، چمڻ جي وري آس ٿي.

منهنجو سارو، جيون جاني،
رڻ پٽ تي ويو، توبن جاني.

صحرا ۾ جيئن زخمي پنڇي،
آسون تئين تيون، تڙپن جاني.

ڪُرڙي پاڻيءَ ڪان جيئن ٻاهر،
جذبا تئين تا، ڦٿڪن جاني.

سازي تو جيئن پارو آڪ ڪي،
سازي دل ٿيئن دردن جاني.

پيريءَ ۾ تبديل ٿئي پيو،
منهنجو چڻ هي جوڀن جاني.

توريءَ تو سنسان لڳي اڄ،
شهر سمورو راڏن جاني.

ساوڪ رُت آ سانبا هن ۾،
سڪ سنجري تي هر جوين ۾.

گُل ڦُل پوتا مهڪڻ تي هن،
ڪوئل ڪوڪي تي باغن ۾.

تنوڪي ڏاڍو ڏل تي ساري،
اک ٻس آهي اوجاڳن ۾.

تون ايندو آن ڏل چوندي آ،
سير ستيان مان اڇ راهن ۾.

ويهه اڇي اي سُهڻا سائين،
منهنجي مَن جي محلاتُن ۾.

منڙي مند ملڻ جي آئي،
تون ئي اڇ هماڻي ٻانهن ۾.

"مانجهي" الفت واري اڇ ئي،
ساڳي خوشبو آراهُن ۾.

ايڏي تہ دلربا تون، دلڙي ڀڪي نہ ڪر،
منهنجو تہ ساهہ ويندو، ڪاوڙيڪي نہ ڪر،

توکي سڏيان ٿو سڪ مان، پرتون اچين نہ ٿو،
مون کي تون دوستن ۾، سهڻا لڄي نہ ڪر.

ماٺ جو مثال ڏيندا، هٺا پنهنجي پيار جو،
منڙا تون ملهہ اٿيءَ جو ڪاري تڪي نہ ڪر

ناچاق ٿي رهي دل منهنجي اڳي پرين،
ويتر تون انهيءَ کي دلبر ڏکي نہ ڪر.

هيرائي دل هٿن سان پهريان تون پيار ڏئي،
هاڻي تہ "ماتجهي" سان تون محبت جهڪي نہ ڪر.

پلي درد ڏيو پيا، شڪايت نہ ٿيندي،
مٺا گهٽ اسان جي بہ، چاهت نہ ٿيندي.

جتي ٿا وجن ڪيئي جيلن مان قيدي،
مگر عشق مان ڪا، ضمانت نہ ٿيندي.

ٿيندو ڪونہ مون ڪان ڪو ڪمڪار،
ڏهاڙي اوهان جي، زيارت نہ ٿيندي.

پلي دل ڏکايو، ڏيو ڏنب جاني،
پرين ڪا اوهان سان، عداوت نہ ٿيندي

لهي غم سموراءِ، ويندا پل ۾ ”مانجهي“
ملڻ جي وري ڇا، عنايت نہ ٿيندي!؟

قابو تو اهڙو ڪيو آ پيار ۾،
جيئن مڇي ڦاسي پوي ڪا ڄار ۾.

مان نہ تو توڪي ڏسان، بي چين هان،
ساهہ منهنجو آهي تو منٺار ۾.

دل رڳو ديدار تنهنجو تي گهري،
ڪو نہ تو ڀيو ڪجهہ وٽي سنسار ۾.

جي ڪرين سينگار تو، ائين لڳي،
ڄڻ ٽڙيو آ گل ڪوئي گلزار ۾.

مُرڪ تنهنجي سان منهنجو جيون ائين،
جيئن هجي تو ٽر مٺا وسڪار ۾.

”مانجهي“ مون کي موت ڀي منظور آ،
پر مران مان، تنهنجي ٻانهن هار ۾.

تون يار جي، جدا ٿي وئين، سورن سان سنگت ٿي وئي،
وئي مَرڪ اڦي ڏيئي، لڙڪن سان سنگت ٿي وئي.

ڪي ڏينهن ٿيا هن، جو مٽ آئي خوشي ناهي،
غم گڏ ٿا رهن موتسان، آتن سان سنگت ٿي وئي.

چند راتيون چنڊ جاڳي، پوءِ وڃي سمهي ٿو پوي،
تارا ٿا مون سان جاڳن، تارن سان سنگت ٿي وئي.

مان طرف اوهان جي ڏي هر روز تڪيان ٿو پيو،
ها اڄ به تڪو ناهيان، رستن سان سنگت ٿي وئي.

پيرڙا ڀري آ جيئڻ جو مزو "ماڻجهي"،
سڀ سات ڇڏي سِڪ ويا، ڏکڙن سان سنگت ٿي وئي.

اڄ وري دل اُداس ٿي آهي،
آس جنهن جي نراس ٿي آهي.

پاڻ مان ئي پئي لڳي وحشت،
رات ڏاڍي اُماس ٿي آهي.

ڪو هجي جو، پيئاري لبڙن مان،
پيار جي ڏاڍي تاس ٿي آهي.

پيار پِنيان ئي دوڙندي سائين،
منهنجي هڙئي ته ناس ٿي آهي.

مان ته تو تنگجي پوان "مانجهي"،
هر خواهش نيباس ٿي آهي.

نهارڻ نگاهون، جهڪايو پيا،
متا چنو اکين کي، سُڪايو پيا.

اکين سان، اکين پيئي ڳالهيون کيون،
روڪي تن جون ڳالهيون، رهايو پيا.

شڪايل سڪيون هن ملڻيون پاڻ ۾،
وڙي هئي ويچوڙا، وڌايو پيا.

چريتون چاهه جون هي پنيندئي اکيون،
پرين پاڻ کي چنو، پٺايو پيا.

اڳئي لوڪ "مانجهي" ڏکايو گهڻو،
اوهان پاڻ به اڄ، ڏکايو پيا.

خلق پوڄاري، پئسي جي آ،
اڄ ڪلهه ياري، پئسي جي آ.

جلسا، جهڙتيون، بم ڌماڪا،
مارو ماري، پئسي جي

مسڪين جي، ڪاڻ ٻڌي ٿي،
پوليس پڄاري، پئسي جي آ.

هر ماڻهو ٿو چاهي ترقي،
وارو واري، پئسي جي آ.

چڱا ڀلا هن، چاتهه جي پويان،
خوش ٻهاري، پئسي جي آ.

ڪنهن ڪنهن تي ٿورن، لکندين "مانجهي"،
دنيا ساري، پئسي جي آ.

منهنجا ڪلٺا پرين، ڪيچلا ياد ٿئي؟
پيار ماضي سندا سلسلا ياد ٿئي؟

تنهنجي لاءِ مون بہ آندا، ها پٽ شاهہ ﺗ ،
هار، چُوڙيون، ڪنگڻ ۽ چلا ياد ٿئي،

تنهنجي پُوڄا ڪندي ڪنهن ڏسي هو وَتو،
ڪيئن آيا هئا، زلزلا ياد ٿئي؟

پيار جي پنڌ مان پيو تہ تڪجي هُيس،
تو ڏنا هئا مون کي، حوصلا ياد ٿئي؟

پيار پنهنجي تي جيڪي سڙندا هئا.
سي ماڻهو مخالف، پلا ياد تئي؟

روز "مانجهي" تون منهنجي اڱڻ ايندو ڪر،
تو چيو هو، پئي دشمن جَلا ياد ٿئي؟

ڪوماري ويو آ، شرارت جا تاندا،
پيا ڳوٺ ساڙن، عداوت جا تاندا.

اڏيو هيم جيڪو سپنن جو گهرڙو،
جلائي ويا سو، روايت جا تاندا.

ويا نرم آواز ساڙي سمورا،
پريان جي زبان تي، شڪايت جا تاندا.

اڙي! پيار ويري، ويندين جلي تون،
پرن تا تنهنجي گهر، بغاوت جا تاندا.

نندي لاڪون ڪنهن جي حصي ۾ اچي وئي،
وهيءَ ۾ ڪنيائين، ورهاست جا تاندا.

تنگي پير عاشق وڃي ڪيئن پيو تو،
وڇيل راهه ۾ هن، قيامت جا تاندا.

اَمن، پيار "مانجهي" سڙي خاڪ ٿي ويو،
وسائي نہ سگهيس مان، نفرت جا تاندا.

سارو دل مان أتي، زلزلا تي ڪري،
منهنجي سوچن اندر ترٿلا تي ڪري.

پاڻ سان درد کي ييي ونيون تي اچي،
منهنجي من ۾ اچي، ڪربلا تي ڪري.

منهنجا جذبا ستل تي جاڳائي ڇڏي،
روز پيدا نوان، ولولا تي ڪري.

هاڻ منهنجي نہ آ هوءَ رهي پوءِ بہ يي،
ينهنجي چيچن ۾ منهنجا، ڇلا تي ڪري.

مان تہ مايوس "مانجهي" ٿو هر دم رهان،
هو هماليہ جيان حوصلا تي ڪري.

بي وفا جي بي رُخي ڏٺا ٿانڊا ڏٺا،
ڇا ڪيان هن دل لڳي ڏٺا ٿانڊا ڏٺا.

ٿو ڪيان مٿون گهٽيون، پرچي نه ٿو،
يار جي ناراضگي ٿانڊا ڏٺا.

منهن لڪائي، دل سڪائي ٿي وڃي،
هُن جي مغروري مڳي ٿانڊا ڏٺا.

چال هُن جي ڪي نه مان سمجهي سگهيس،
مون ڪي پنهنجي سادگي ٿانڊا ڏٺا.

ڇيلهه هن جي ۾ پئي پاڪُر وجهي،
سونهن واريءَ جي سڳي ٿانڊا ڏٺا.

”مانجهي“ مان هرپل پيو سڙندو رهان،
حا ته آهن عاشقي ٿانڊا ڏٺا.

تو سوا آ جيل، جهڙي زندگي،
ڪيئن ڪٽيان مان ويل، جهڙي زندگي.

درد جي مان تئيءَ ۾ پيو پچران پچان،
آهي سڙندڙ تيل، جهڙي زندگي.

ٿي خواهش جي پٺيان ڊُڪندي رهي،
تيز تکڙي ريل، جهڙي زندگي.

غم خوشين جي کيت ۾ ڪاهي پيا،
ٿي وئي ڀيل، جهڙي زندگي.

تون جي "مانجهي" سان ملي سهڻا پوين،
ٿي وڃي رابيل جهڙي زندگي.

جواني جڏهن يار آئي اسان تي،
گهرن ۾ اسان جون سکيون، قيد ٿي ويون.

اسان هاڻ کنهن ڏي، ڏسون کيئن جانان،
اوهان جي اکين ۾ اکيون، قيد ٿي ويون.

اوهان جون نشانيون کٿي ٿا وڃايون،
اسان ائين سانڍي رکيون، قيد ٿي ويون.

گهٽي وقت کان پوءِ وڃڙي ملياسين،
وري ”مانجهي“ دلڙيون ٻکيون قيد ٿي ويون.

سنسار، چڏي ويندس،
سڀ يار، چڏي ويندس.

مان ويندس پن چڙ ۾،
۽ بهار، چڏي ويندس.

احسان، زمان، بُشري،
منٺار، چڏي ويندس.

تو بہ جي ڏڪاريو پوءِ،
لاچار، چڏي ويندس.

صحرا ۾ وڃي رهندس،
گلزار چڏي ويندس.

"مانجهي" جي مري ويندس،
هت پيار، چڏي ويندس.

ساهہ سان ساز، جو پاند ڳنڍجي ويو،
اک سان وسڪار، جو پاند ڳنڍجي ويو.

حاصلاتُن تي هاڻيِ، مون سوچڻ ڇڏيو،
جيت سان هار، جو پاند ڳنڍجي ويو.

جيءَ ڳنڍيو آ تہ هاڻي نہ ڇُڄندس ڪڏهن،
يار سان پيار، جو پاند ڳنڍجي ويو.

هاڻ هر حال ۾، آهي ڪرڻي وفا،
هن سان سهڪار، جو پاند ڳنڍجي ويو.

آنڌي ”مانجهي“ تتي ڏينهن رُلندَس پيو،
آهہ اقرار، جو پاند ڳنڍجي ويو.

ائين پنهنجون اکيون، مليون آهن،
جيئن ڪي وڇڙيل سڪيون، مليون آهن،

هاڻ پنهنجي بہ ننڊ ڦٽائينديون،
نيڻهن ڪڪ جون ڪڪيون، مليون آهن.

ڇپال ڪيئي ڪتيا اتن سڪندي،
اڄ محبت بڪيون، مليون آهن.

[illegible] جو مرڪين تہ چڻ بڪاري ڪي،
مانيون [illegible] ڪڻ مڪيون، مليون آهن.

تنهنجون اکيون چمير، لڳو مون [illegible]
”مانجهي“ ماڪيءَ دکيون، مليون [illegible]

اسانجي اندر ۾، اداسيون رهن ٿيون،
هميشه جون آسون، نراسيون رهن ٿيون.

نه تو منهنجي دل کي، مليو ير سڪون ڪو،
توڙي جو ڳليون، واسيون رهن ٿيون.

اُميدون اسان جون نه پوريون ٿين ٿيون،
جيڪي باسون باسيم سي باسيون رهن ٿيون.

هتي جن به آمي گهريو حق آ سائين،
ايندڙيون انهن کي ته، ڦاسيون رهن ٿيون.

سزا پيار جي آ، هتي موت "مانجهي"،
ته هن چام واريون هراسيون رهن ٿيون.

سُتل دل جا جذبا، جاڳائي تي ڇوري،
پٽي گل چپن تي، گهمائي تي ڇوري.

سچي تر سمورو وڇي واسجي تو،
هوائن ۾ خوشبو، اڏائي تي ڇوري.

بڏي ڇير ڇم ڇم ڪري تي اچي هو،
ڪيئي گيت پڙ ۾، نچائي تي ڇوري.

اکڙ تي ڀيون تيون، گهٽائون ڪي برسن،
جنبي وارا آلا، سڪائي تي ڇوري.

ڪٽي صوف سهٽا روزانو لنگهي تي،
اچي ساهه منهنجو سڪائي تي ڇوري.

بڙ تي گهريو مون ته سڏ کن تي "مانجهي"
ڏائن تي مون کان، لڪائي تي ڇوري.

مونکي تنهنجون مست نگاهون، موهن ٿيون،
قيد ڪرڻ جو يار رتائون، موهن ٿيون.

گهورڻ، مُرڪڻ ۽ ٻيو ٿڌڙا ساهه ڀرڻ،
هي تنهنجون محبوب ادائون، موهن ٿيون.

توسان ملندي منهنجي دل کي چين ملي،
وارن جون گهن گهور گهٽائون، موهن ٿيون.

تنهنجي چُنري جن جا پئي ٿي اگ جهلي،
سي پياريون مک مور هوائون، موهن ٿيون.

سنڌ جي جائي آهيان ڪيئن انصاف ٿئي،
ڪنهن جون معنيٰ خيز صدائون، موهن ٿيون.

سهنجو پيار مليو ۽ مون کي ذات ملي،
”مانجهي“ مولا جون هي عطائون، موهن ٿيون.

نہ ٿو تو ڪان گهران دنيا، مون کي ٿوري وفا گهرجي،
مريضِ عشق مان آهيان، مٿا درشن دوا گهرجي.

ڏني مون دل توکي دلبر، مون کي پڻ تون مٿا دل ڏي،
اتر ۾ نوڪري ڏيندس، ڪرڻ توکي بہ ها گهرجي.

جواني حَسن ڏني مولا، توکي نوازيو آ،
سڪائين ڇو ٿو سڪ وارا ڪرڻ توکي سخا گهرجي.

سدائين ”ماڻجهي زرداري“ ڪندو توکي دعائون پيو.
مون کي گهرجي تنهنجي محبت، پيو ڪجهہ، نہ مٿا گهرجي.

ڏکن جي ٻهاڙي نہ جاني تئي تي،
غمن ۾ گذر زندگاني، تئي تي.

صنم سار تنهنجي هميشہ اچي ٿي،
ڪسي چين مون کان، رواني ٿئي تي.

زماني جي هن کي ڪا پرواهہ ناهي،
جواني ٻہ ڏاڏي، يگاني تئي تي.

پتو ئي نہ ٿو پئي وجي تي وهامي،
اگر رات ڪائي، سهاني تئي تي.

سڄو ڏينهن وينو مان، ٻيڙيون وتيان ٿو،
مگر پوءِ بہ پوري نہ، ماني تئي تي.

پليان ٿو گهڻو پر نہ تي ”مانجهي“ پلجي،
ڪيان ڇا ڇري دل، ديواني تئي تي.

سدائين ڏولاون، ڏچن ۾ رهان تو،
ڪٿي يار آئون، تنن ۾ رهان تو.

خوشيءَ جو مون نالو ٻڌو آ ٻين کان،
مگر مان ڏکن جي، ٻکن ۾ رهان تو.

مني هانءَ پنهنجي اکين ۾ رهاءِ تون،
الائي ڪڏهن کان، خطن ۾ رهان تو.

هوا حالتن جي اذاري وڃي ٿي،
اوهان جي ڳليءَ جي، ڪکن ۾ رهان تو.

سڪي سه نهن بوجڻ عبادت ٿو سمجهان،
متان سمجهي تنهنجي ڏٿن ۾ رهان تو.

مون کان ذات منهنجي رُسي ڇو نہ ”مانجهي ،
مان پنهنجي جو معاشي خفن ۾ رهان تو.

هوا تي آئي، چمن جي خُوشبو،
گهلي تي تنهنجي، بدن جي خُوشبو.

ڪوليان تو دل جي، صفحي ڪي جاتان،
اچي تي تنهنجي، خطن جي خُوشبو.

ڪري جڏي تي اُداس من ڪي،
خزان ۾ ڇنيل، پَنن جي خُوشبو.

پڙهان تو جڏهن مان ڊائريءَ ڪي،
اچي تي تنهنجي، هٿن جي خُوشبو.

پتائي پڙهيم، بُخاري پڙهيم،
بنهي مان آئي وطن جي خُوشبو.

اچا ب ”مانجهي“ پئي تي مهڪي،
چپن ۾ تنهنجي، ڳلن جي خُوشبو.

منهنجي دل جا ڏٺي دلربا دادلا،
عرض تو کي ڪيان، جي مڃين سانولا.

ڪو ٻڌي نہ وٺي، ڳالهہ ڪن ۾ ڪبي،
ويهہ ويجهو اچي، ڪر ختم فاصلا.

تنهنجا هٿ پير ۽ چپ، چُمڻ تو گهران،
تانگهہ ڏاڍي لڳي آهي جاڻي خدا.

ڇا مان پيارا پرين، هي ڇُهي تو سگهان،
تنهنجي ڇاتيءَ مان جيڪي، ڦٽا هن سَلا.

آس ”مانجهي“ سندي يار توڙين متان،
ڪي نہ مون لاءِ ڪجان تون، بپا ڪربلا.

سُندر نيڻن مان تون موتي،
سُڏڪي سُڏڪي هارين ڇو ٿي.

ٽهڪن جي موسم ۾ ڳوڙها،
سوچين ٿي تون، سياڻي سرتي.

سُک ته ايندا ويندا آهن،
ٿيندا ناهن جيون ساٿي

ڪو ڀي ڪونهي غم کان وانجهيل،
دنيا آهي درد جي بستي.

ڪيڏا سُور سهن ٿا ڏس تون،
پنهنجي ديس جا ڏکيا ڏوٿي

"مانجهي" تنهنجو توسان آ پوءِ،
ڇا جو غم ۽ ڇا جي ڳڻتي.

جي پُڇين ٿو تہ ٻڌ مان ٿو ڇا چاهيان،
پيار توسان ڪرڻ ٿو منا چاهيان.

پيتهنجي ٻانهن ۾ ڪي پل رهڻ ڏي پرين،
تنهنجي وارن سندا ٿو آڇها چاهيان.

تون اچايو مکڻ ماکي، آچين پيو،
مان تہ تنهنجا چمڻ ٿو ڳِتا چاهيان.

ها شرابن سان منهنجي نہ ٿي، دل لڳي،
ڪرڻ نيهن جا ٿو نشا چاهيان.

مان ٿو چاهيان تون ڳاڙهي وڳي ۾ مڄين،
تنهنجي هٿن تي ڏسڻ ٿو حنا چاهيان.

تون مون کان ڪڏهن ٻي نہ پڇجان پرين،
مان بہ توسان ڪرڻ ٿو وفا چاهيان.

پيــار تنهنجو مليــو وئي نــهي زندگي،
توکــان اگي ۾ پرين، جڻ نہ هي زندگي.

مــان تہ پيــارا وڃائي، وينــو هوس ڪٿي،
تو ڏنــي آمـــــونکي، هــي لهي زندگي.

توسان ڪذجي جيئڻ مان، مزو پيو اچي،
پئي تي گــذري ســني ۽ صــحي زندگي.

زندگيءَ کان جيڪوئي، ڪسي پيار تو،
پــوءِ ازخُود پــوي تــي ڏهــي زندگــي.

پيار تنهنجي جي، پيو يار پوڄا ڪندس،
جيسين تائين هي ”مانجهي“ رهي زندگي.

سارَ تنهنجي سياڳي وَري آ پرين،
باهه نئين سرُ بدن ۾ ٻري آ پرين.

روز تنهنجي گهٽيءَ ۾، ونئي تي اچي،
هيءَ چاهت چنبڙي ڪا چري آ پرين.

مان تو ديدار خاطر اچان ڏور ڪان،
بند تنهنجي هميشه، دري آ پرين.

تون ڀلا يار مون کي، ڪرين ياد ڇو،
تنهنجي مون کان سوا وئي، سري آ پرين.

هاڻي "مانجهي" ڏکن جي ويس ور چڙهي،
موج مستي صفا وئي، مري آ پرين.

منهنجي واعدي تي اعتبار ڪجان،
آئون ايندس تون انتظار ڪجان.

هيل عيدون اچي ڪبيون توسان،
دل جون ڳالهيون پرين هزار ڪجان.

تون گلن جو ڪرين مٿان ڪو خفو،
پنهنجون ٻانهون ئي منهنجو هار ڪجان.

ڏينهن گذري ويندا وڇوڙي جا،
پاڻ کي تون نه بيقرار ڪجان.

حسرتون سڀ ڪجان پرين پوريون،
پوءِ پل ۾ ”مانجهيءَ“ سان پيار ڪجان.

هُو نہ آهي ٻُسو ٻُسو ٿو لڳي،
اڳ تہ ڏاڍو هي ما ڳ وٺندو هو.

گيت ٻڌندي ئي پوندو، جهومي هُيس،
عشق جو هو تہ، راڳ وٺندو هو.

پاڻ ٿي آهي ويندو هُيس هن ڏي،
سينڌ، سرمو، مُسا ڳ وٺندو هو.

ٻين جا ڪُڪڙ ڪباب، پاسي تي،
هُن ڏانهن آيل جو سا ڳ وٺندو هو.

هو جو منهنجو هيو، تڏهن ”مانجهي“،
پنهنجي قسمت ۾ ڀا ڳ وٺندو هو.

ڳوٺ وارا اوهان پيار ناهي ڪيو،
منهنجون بابا ڪي پو، ڇو تا دانهون ڏيو.

هار پي آ اکين تي، مان صدقي وڃان،
پر ڳلي لائي پنهنجون هي ٻانهون ڏيو.

پيار وارن جون نظرون، تيون گوليون لڳن،
يار پنهنجي اکين ۾ پناهون ڏيو.

جي ڏيو تا تہ ”مانجهيءَ“ کي اتساهہ ڏيو،
مايوس ڪندڙ نہ صلاحون ڏيو.

وري دل تي ڪاهون ڪري تي پئي،
سڪي بندراهون ڪري تي پئي.

نہ ڪي هار سونو، نہ پايان گهڙي تو،
پتيون هوءَ بہ ٻانهون ڪري تي پئي.

ويو چين منهنجو، سُڪي هو بہ ناهي،
لڳي دل جون دانهون ڪري تي پئي.

وچي هُن کي چئجو، وچي منهن ڏيکاري،
نيا پا اوڏانهون ڪري تي پئي.

مان سمجهان تو "مانجهي" هو جيون ڳنديندي،
سڪين سان صلاحون ڪري تي پئي

پيار منهنجو آگهي ويو تو وٽ،
مُرڪ تنهنجي رَسيد تي پئي آ.

سونهن وارا هزار آهن پر،
دل هي تنهنجي مُريد تي پئي آ.

هڻڻ ته من ۾ مَتل هُيو ماتم،
تون جو ملئين ته عيد تي پئي آ.

منهنجي بِگڙيل نهي وئي قسمت،
مون تي تنهنجي جو ديد تي پئي آ.

مون تي سمجهيو مري ويندس ليڪن،
اڄ جيئڻ جي اُميد تي پئي آ.

هاڻ توکي ڇُهڻ، ڇُمڻ جي ها،
تانگهه ڏاڍي شديد تي پئي آ.

بي رونق پئي گذري، صفا بي ڍنگي،
عشق تنهنجي، اسان جي حياتي رنگي.

دل ته ڇُڙواڳ هئي، پل ۾ سُڌري وئي،
چاهه جي چيچ سان، توهي واهه جا ونگي.

سو محبت جا مون کي ڪرايا نشا،
نه ته منا ماں هُجان هان شرابي پتگي.

تون قدردان آهين، هي تڏهين ڏنم،
هون ته مون کان پرين، دل گهٽن منگي.

سانت کي گيت توڙي چڏيو چا پُڏئي!
نيهن جي تانگ آ ڏات پيارا ڏنگي.

پيار "مانجهي" کي ائين ئي، پيو ڏيندو ڪَجان،
يار مون کي ڪڏهن پيي، ڏجان نه تنگي.

سيڪي آنيو سنگ،
مون لئہ آندا سانوري.

سنهڙي چولي ۾ ڏڪي،
ريشم جهڙا انگ،
مون لئہ آندا سانوري.

جوين رُت جون سوڪڙيون،
چميون، ڏوڏا ڏنگ،
مون لئہ آندا سانوري.

اکڙين ۾ اوتي ڪجل،
منهن تي مهتي رنگ،
مون لئہ آندا سانوري.

"مانجهي" من جهومي پيو،
جڻ ڪي چاهت رنگ،
مون لئہ آندا سانوري.

جيـــــون ســمـــو جُـــون،
تـوڪان جيئـن چڳس.

تنهنجون يـادون ڪـوسـا جهولا،
سـاڙيـن پـيــو بـس خُـون،
تـوڪان جيئـن چڳس.

سـوچـون بڻيون ڏيـنـيو ڏنـگ،
ڦِــتـــي ويـــو آ ســڪـون،
تـوڪان جيئـن چڳس.

دردن سـان جـڙ رشـتـا ٿـي ويـا،
ڪـــو سُـڪ ڏٺـــو آ مـون نـــ،
تـوڪان جيئـن چڳس.

پيار جي پيـڙائن تـــي "مانجهي"،
ويـتـو لـڪـــان مـضمـــون.
تـوڪان جيئـن چڳس.

موتي منڊا اڄ،
تولئہ ساھہ سکي.

دلڙي کي تہ ديدار جي،
لالڻ آ لالچ،
تولئہ ساھہ سکي.

گُذري رات رھاڻ ۾،
ٻاري ويھون مچ،
تولئہ ساھہ سکي.

سانديون وتان ٿو ساھہ ۾،
ڳُجھيون ڳالھيون ڳچ،
تولئہ ساھہ سکي.

ماندو ٿيو "مانجھي" آھي،
سُھڻا سائين سچ،
تولئہ ساھہ سکي.

شرميلي وينگس،
مون کي ڏاڍو تي وڻي.

مُک تي رنگ جوانيءَ جا، هاڻي نکريا تس،
مون کي ڏاڍو تي وڻي.

هُن جي مُرڪ هميشه، هي من ڪري بيوس،
مون کي ڏاڍو تي وڻي.

منهنجي دل تي لکجي ويو، سُندرتانءُ سندس،
مون کي ڏاڍو تي وڻي.

اهڙي ماڻهو ناهڻ تي، رب پيي لهڻي جس،
مون کي ڏاڍو تي وڻي.

روز نهارين تيون اکيون، "مانجهي" هن جا گس،
مون کي ڏاڍو تي وڻي.

چو ٿيندڙ ٻُٺي مقتل،
تنهنجو جيءُ جلي.

ننڍڙي ڳوٺاڻي جا، ڏٺم نيڻ ڀنل،
تنهنجو جيءُ جلي.

پنهنجي ماروئڙن جا، آزاد ڏسي قاتل،
منهنجو جيءُ جلي.

سياسي راڪاس مون کان، منهنجو کسيو دل،
منهنجو جيءُ جلي.

”مانجهي“ ڪڏهن سوچيو آهي، ائين چيو جيجل،
منهنجو جيءُ جلي.

ساري ساري رات،
جيجل جاڳي پئي.

بيمار ٻَکايل ٻار کي،
ڏِيئي لوليون لات،
جيجل جاڳي پئي.

گهر ککائين جهوپي تي،
طوفاني برسات،
جيجلِ جاڳي پئي.

سُورن کي ساندي پئي،
سمجهي مي سوغات،
جيجل جاڳي پئي.

"مانجهي" آيل کي ڏسي،
ليجي منهنجي ذات،
جيجل جاڳي پئي.

تنهنجي يادُن جا،
دل جي آڳر ۾،
آهن گل ٽڙيا.

سپنا اکين ۾،
ڇڻ ڪي ڪنجهر ۾،
آهن گل ٽڙيا.

توتي گيت لکيم،
ادبي ڪيتر ۾،
آهن گل ٽڙيا.

تنهنجون تصويرون،
لڳايم گهر ۾،
آهن گل ٽڙيا.

”مانجهي“ سوچن جا،
ذهن جي پاڪر ۾،
آهن گل ٽڙيا.

پوک بچائڻ لئہ،
سارو ڏينهن سڙي،
هارياڻي جو پارڙو.

هو پوڙي، ها پوڙي،
پيئو جهار تڙي،
هارياڻي جو پارڙو.

تڏهن ورندو گهر ڏي آ،
جڏهن ڏينهن لڙي،
هارياڻي جو پارڙو.

”مانجهي“ پنهنجي پنيءَ سان،
وِينئو جيءُ جڙي،
هارياڻي جو پارڙو.

جهـنـڙا پـپـوپـٽ پـر،
تهڙي تو ۾ سُونهن آ

سچ جنا ڪرڻيا گج ڪري،
تي ويس ڏکي ڪينجهر،
تهڙي تو ۾ سُونهن آ.

چانڊوڪي ۽ هوا ۾،
جرڪي جيئن ساگر،
تهڙي تو ۾ سُونهن آ.

پنهنجي پياسي تر تي جيئن،
ڪنوڻ پيوندون ڪڪر،
تهڙي تو ۾ سُونهن آ.

عدجي صنيح تي جيئن،
رستن جو منظر.
تهڙي تو ۾ سُونهن آ

سڀني سپ جيالن جي لئه،
باقي پيا ووٽر،
ڇا جي سزا پوڳن ٿا.

گولين جا ٿا مينهن وسن،
سنڌ جا ڳوٺ شهر،
ڇا جي سزا پوڳن ٿا.

روزانو رئيس جي آ،
هارين تي بيگر،
ڇا جي سزا پوڳن ٿا.

پنجاب ۾ پيا ڊيم ٺهن ٿا،
پنهنجو ڪاڇو ٿر،
ڇا جي سزا پوڳن ٿا.

روز وڃن ٿا "مانجهي" جهليا،
صحافي ۽ شاعر،
ڇا جي سزا پوڳن ٿا.

منهنجو پيارو تن،
مون کي وقت ورائي ڏي.

تنڍڙا تنڍڙا گهر اڏي،
ڌرتيءَ تي کيڏڻ،
مون کي وقت ورائي ڏي.

وڻ جي سائي تار ۾،
چڙهي پينگهه لُڏڻ،
مون کي وقت ورائي ڏي.

ها چانڊوڪي رات ۾،
لڪ چپ راند ڪرڻ،
مون کي وقت ورائي ڏي.

آتا "آيل" سان ڪري،
"ماڻجهي" روز رُسڻ،
مون کي وقت ورائي ڏي.

هُن جي آمد جو ٻڌي
اوسيئڙو ۽ سار،
ڏاڍا پيارا ٿا لڳن.

موٽ ساڻ گڏجي آچيان،
ڪن ٿا نينڍڙا ٻار،
ڏاڍا پيارا ٿا لڳن.

هُن جي چاتي ٿا ڇهن،
گج ڪچاوا ۽ هار،
ڏاڍا پيارا ٿا لڳن.

"مانجهي" موهي ٿا وجهن،
سرتيءَ جا سينگار،
ڏاڍا پيارا ٿا لڳن.

تنهنجو لولي تر،
مون آ اکين سان چُميو.

تنهنجي لُڪيل نانءُ کي، ها سهٽا هرهر،
مون آ اکين سان چُميو.

ڏاڍو سندر ٿو لڳي، تنهنجو نظم نثر،
مون آ اکين سان چُميو.

توڏي لُکندي چاهه مان، پيارا يار پتر،
مون آ اکين سان چُميو.

نـــوان نـــوان ڪـــپـــڙا،
ٻارن ورتا عيد تي.

پينسل، ڪارون، ٽريڪٽر، چوڙيون ۽ جُهمڪا،
ٻارن ورتا عيد تي.

کهڙا نانوءَ ڳنّي ڪٿّان، هٿ ڪيئي رنديڪا،
ٻارن ورتا عيد تي.

ها پر گهـــر غريب جي ڳوڙها ۽ سڏڪا،
ٻارن ورتا عيد تي.

ڏاڍو تــي تــڙپــائــي،
ها! تنهنجي سار سڪي.

مان تو ڳوليان خوشيون،
هيءَ تي غم برسائي،
ها! تنهنجي سار سڪي.

رات ڪتيان تو جاڳي،
ننڊ وڃي تي ڦٽائي،
ها! تنهنجي سار سڪي.

سچ لهڻ سان ئي دل جو،
تي در اچي ڪڙڪائي،
ها! تنهنجي سار سڪي.

مُستقبل معمار،
ڏُکيا ڏينهن کٽي ٽو.

قلم عيوض بُرش هٿين ۾،
پِيالشِ لاءِ پکار،
ڏُکيا ڏينهن کٽي ٽو.

ڏينهن سمورو هوٽل ۾،
تانوءَ ميندي بار،
ڏُکيا ڏينهن کٽي ٽو.

گيريجن ۾ اِستادن جا،
ڏڙڪا، گاريون مار،
ڏُکيا ڏينهن کٽي ٽو.

معصوم ڳلڙن تي مانجهي ،
لڙڪن سندي لار،
ڏُکيا ڏينهن کٽي ٽو.

جنهن ۾ پنهنجو ميل ٿيو،
سا سُهاني رات،
مون کان وسري ڪون ٿي.

تو مون چُمين سان ڪئي،
پيار سندي شروعات،
مون کان وسري ڪون ٿي.

دهشت ۾ ويا چپ سُڪي،
هو پهرئين ملاقات،
مون کان وسري ڪون ٿي.

ساروٽي سانديان پيو،
سمجهي مان سوغات،
مون کان وسري ڪون ٿي.

ڪـنـهـن سيان سُـورسـلـي،
چنڊ جهڙي ڇوڪري.

پـيءُ جيـڏي پـوڙهـي ورَسـان،
ڪـيـئـن روح رلـي،
چنڊ جهڙي ڇوڪري.

رسمُـن جي آ، ڇنار ير قـاتـي،
ويـتـي هـث مَـلـي،
چنڊ جهڙي ڇوڪري.

”مانجهـي“ هيـڏي سانحي کي،
يـلا ڪـبيـئـن يُـلـي،
چنڊ جهڙي ڇوڪري.

ڳـــوڻـــاٺـــي تـــاري،
ڏکيو جيون تي ڪٽي.

ڇـولـي کي ٽـاڪي ڇـتيـون،
غــربــت جـــي مـــاري،
ڏکيو جيون تي ڪٽي.

هُــن جـي قـسمت ۾ لـکيـل،
هـــو مُـــڙس جـــواري،
ڏکيو جيون تي ڪٽي.

مـــيـڙي ڇـيـڻـا ٿـي ڪـري،
مَـــنـيـــا ويـــچـــاري،
ڏکيو جيون تي ڪٽي.

پـــاپـي هــن سـمـاج هـــي،
آهــــــــي آزاري،
ڏکيو جيون تي ڪٽي.

در جي پردي مان،
جوين جي جهاتي،
هوش اڏائي ٿي ڇڏي.

ڪومل هٿڙن تي،
ميندي هُن لاتي،
هوش اڏائي ٿي ڇڏي.

سنڌو چولين جيان،
ڇُلڪي ڪا ڇاتي،
هوش اڏائي ٿي ڇڏي.

سرتي ٿهڪن جي،
مالها آ پاتي،
هوش اڏائي ٿي ڇڏي.

هو سنهڙي ويس ۾،
موسم برساتي،
هوش اڏائي ٿي ڇڏي.



راڌڻ شهر جي اولهه ڏکڻ ۾
ٻن ڪلو ميٽرن جيتري پنڌ تي،
جاموٽ زرداري نالي اٽڪل ٻه سوَ گهرن تي
مشتمل ڳوٺ آهي.
ساون کيتن ۽ نمن جي پاڪر ۾،
ان ڳوٺ جي خوبي اها آهي تہ اهو
هڪ قدرتي تلاءَ، (جنهن کي مقامي ماڻهو گهڙو پير سڏين ٿا). جي
ڪپر تي آباد آهي، جيئن سکر شهر سنڌو درياءَ جي ڪنڌيءَ تي آباد
آهي.
ان تلاءَ جي ٻئي ڪناري تي بيهي، پاڻيءَ ۾ نهاربو تہ
ڳوٺ جو عڪس، تاج محل جي نظاري کان وڌيڪ
سُندر لڳندو.
تلاءَ جي اُجري پاڻيءَ ۾، ڳيرو ڇوڪرا ۽ ڳوٺ جون
دوشيزائون (روايت جو ابتڙ)،
اڄ بہ هڪ گهاٽ تي، وهنجندي نظر ايندا.
سنڌ جو اهو واحد ڳوٺ آهي، جنهن جو مثالي ڀائيچارو
۽ معاشرو آهي.
.... ۽ اسان وارو يار مانجهي زرداري بہ ان
ئي ڳوٺ جاموٽ زرداريءَ جو رهاڪو آهي، ان ڪري
هن جي شاعريءَ ۾ اِن ڳوٺاڻي ماحول ۽ حُسن
جا ڀرپور رنگ آهن.

معصوم بخاري

22 جولاءِ 2000ع

پڙهندڙ نَسُل . پ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾عبدالله حسين " اُداس نسلين" نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪَ "لُڙهندڙ نَسُل" نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، جُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪَندڙُ، ٻاڙي، ڪاٺُو، ٻاجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سيني وِچان "پڙهندڙ" نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنی e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳِئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصي ۽ ٽالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پوءِ ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَس پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.
... ...
جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو بوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہ پهاڙ ڇُپن ٿا؛
... ...
ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........
... ...
هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ -

اِن حسابَ سان اٽڃاٽائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مڙهڻ تہ "هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو" ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر کڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بڻائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **ڇو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اڻٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻَ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪِي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)